# ڦلڙا

# Fulra

(Stories for Children)

قيمت ۰-۵-۰

سول ايجنٽ
سنڌو بڪ اسٽال - ڪراچي.

# آکاڻيون


١ رت جو تلاءُ

٢ پاڻيءَ ۾ ست ديو

٣ جت جي زيارت

۴ پهاڙ وٽ سنڌي نوڪر

۵ لالچ بري بلا آهي

٦ سچ ڳالهائيندڙ ٻالڪ

# رتن جو نلاءُ

گهڻي وقت جي ڳالهه آهي تہ مالوا ديش ۾ هڪ راجا راڄ ڪندو هو. جنهن جي عمر پنجاهہ سال اچي ٿي هئي، پر ان وقت تائين اُنکي ڪوبہ اولاد ڪو نہ ٿيو هو. تنهنڪري راجا ٻي شادي ڪرڻ جو ارادو ڪيو.

سنڌس پاسي ۾ هڪ ٻيو راجا راڄ ڪندو هو. راجا کي هڪ تمام سهڻي ڌي هئي، راجڪماريءَ جو نالو پدماوتي هو. پدماوتي جهڙيءَ طرح سونهن سنڌ رهئي، تهڙي ڳڻن ۾ ڀرپور هئي. جڏهن پدماوتي وڏي ٿي تڏهن راجا کي پدماوتي جي شاديءَ جي ڳڻتي لڳي راجا ڪنهن

گڻوان راجڪمار جي ڳوليا لاءِ پنڊت تن کي ٻين ملڪن ڏانهن موڪليو پر راجڪماريءَ جهڙو راجڪمار ڪٿي نه ملي سگهيو . آخر راجا سويمبر ڪيو . جنهن راجڪماريءَ پدماوتي شرط رکيو ته ,, جيڪو منهنجي لاءِ رت جو تلاءُ ٺهرائيندو تنهن سان شادي ڪنديس . اهو شرط چوڌاري پکڙجي ويو . سويمبر جو نالو ٻڌي جن راجائن شادي جو ارادو ڪيو هو سي خوش ٿي ٿيا . پر وري جڏهن شرط پئي ٻڌائون ته ڍلجي ٿي ويا ، پدماوتي جي سويمبر ۽ شرط جي بابت مالوا ديش جي راجا به ٻڌي . راجا شادي ڪرڻ جو ارادو اڳ ئي ڪري ڇڏيو هو . جڏهن راجا پدماوتيءَ کي ڏٺو ، تڏهن ويچار ڪيو ته هنڪان وڌيڪ سهڻي ۽ گڻوان راجڪماري نه ملي سگهندي . وري شرط بابت ويچار ڪرڻ لڳو ، ڪجهه دير کان پوءِ راجا هڪ اٽڪل ڳولهي ڪڍي .

راجا پنهنجي محل جي پاسي ۾ هڪ تمام وڏو

۽ ڀڪو تلاءُ تيار ڪرايو ، ۽ تلاءَ ۾ پاڻي وجهارايو ۽
تلاءَ ۾ اهڙو ته رنگ وجهارايو جو پريان ڇا پر ويجهو
به رت جو تلاءُ پئي ڏسڻ ۾ آيو . تلاءَ ۾ اسنان
ڪرڻ ڪانسواءِ ائين ڪير به سمجهي نٿي سگهيو
ته هي رت جو تلاءُ نه آهي . جڏهن رت جو تلاءُ
تيار ڪرايو ويو تڏهن پدماوتي پيءُ کي ٻڌايو ،
راجا شرط موجب پدماوتي جي شادي مالوا جي
راجا سان ڪرائي .

راڻي پدماوتي ڪڏهن ڪڏهن تلاءَ ۾ آسنان
ڪرڻ ويندي هئي ، هڪڙي ڏينهن پدماوتي
تلاءَ ۾ اسنان پئي ڪيو ته اُن وقت هڪ ڏو
ڀڪي اُڏامندو اُڏامندو اچي اُن تلاءَ جي مٿان
پهتو . ترندي راڻي کي ڏسي ڀڪيءَ سمجهيو ته
ماس جو ڏو ٽڪر رت ۾ تري رهيو آهي . ڀڪي
راڻيءَ کي پنهنجي چهنب ۾ کڻي ويو اُڏامي .
اُڏامندو اُڏامندو ڀڪي اچي ونڌياچل پهاڙ جي
چوٽي تي اچي لٿو . جڏهن ڏٺائين ته هي ماس
جو ٽڪر نه پر هڪ انسان آهي بس پوءِ ته ڀڪي

گهٻراهٽ ۾ راڻيءَ کي اتي ڇڏي اُڏامي ويو. پهاڙ وٽ تپسوين جا گهر هئا. راڻي پهاڙ تان هيٺ لهي هڪ جهوپڙي ڏٺي ۽ وڃي ويهي رهي. تڏهن راڻي گرڀوَتي هئي، هو ڏائڻ مالواديش مان راڻيءَ جي گم ٿيڻ جو ٻڌي سخت گولها ڪئي ويئي، پر راڻي جو پتو اصل پئجي نه سگهيو. تڏهن راجا ڏکي ٿي راڄ ڪرڻ لڳو.

پدماوتيءَ کي پوري وقت تي هڪ سندر ٻالڪ ڄائو. واڌياچل پهاڙ تي پٽ جمڻ ڪري راڻيءَ ٻالڪ جو نالو ”اڏين“ رکيو. اڏين ماءُ وٽ ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو. جڏهن ٻالڪ سمجهه ڀريو ٿيو ته پدماوتيءَ اڏين کي رامائڻ ۽ مهاڀارت جون ڪٿائون ٻڌائيندي هئي، ۽ ٻالڪ ۾ ويرتا جا انگ ڀرڻ لڳي. اڏين جڏهن ڪجهه وڏو ٿيو ته انکي شستر وديا ۾ سيکارڻ لڳي.

جڏهن ٻالڪ اڏين ماءُ کان پيءُ بابت پڇندو هو ته تڏهين پدماوتي انکي اهو جواب ڏيندي هئي ته ٻچا تنهنجو پيءُ ٻاهر مسافري تي ويو آهي

سو هاڻي آچڻ وارو آهي. اڏين هي بندي ڪلندو ٽپندو راند ڪرڻ هليو ويندو هو. تڏهن راڻي ڳوڙها اُگهي من ۾ چوندي هئي ته مان ڇو رت جو تلاءُ ٺهرايو خبر نه آهي ته تلاءُ جي ڀرڻ ۾ ڪيترن جو خون وهايو ويو هوندو، ان لاءِ ته مان هي ڏک ڀوڳي رهي آهيان.

جڏهن ڪان پد ماوتي اڏين ۾ ڪٺر پڻي جو اثر پيدا ڪرڻ شروع ڪيو هو، تڏهن اڏين بيابان جهنگلن ۾ اڪيلو ويندو هو؛ بيپرواهه ٿي خوفناڪ جهنگلي جانورن جو شڪار ڪندو هو. پهاڙ جا رهندڙ ٽپسوي آڏين کي گهڻو پيار ڪندا هئا.

هڪ ڏينهن اڏين جهنگ ۾ شڪار ڪرڻ ويو. هلندي هلندي اڏين کي هڪ خوفناڪ زهريلو نانگ ڏسڻ ۾ آيو. هن اچان نانگ کي مارڻ لاءِ تير ڪڍيو ئي ڪين ته هڪ سهڻي ڇوڪري اچي نڪتي جنهن چيس ته "تون هن نانگ کي ڇو ٿو مارين؟"

آڏين - „ هي هڪ زهريلو نانگ آهي هنکي مارڻ گهرجي "

چوڪري - „ هي نانگن جو راجا واسڪي آهي ، هن جو ڪنهن سان بہ وير ڪونهي هنکي ڇڏي ڏيو . " ائين چئي چوڪريءَ هڪ ويڻا (هڪ قسم جو ساز) ۽ هڪ وڏي تلوار اڏين جي هٿ ۾ ڏيئي چيو تہ „ اُن جي بدلي هي وٺو . "

اڏين ان کي بدلي ۾ پنهنجي ڳچيءَ مان هيرن جو هار لاهي سندس ڳچي ۾ وڌو ۽ پوءِ ٻئي ڇڙا ڇدا ٿيا .

چوڪري هار وٺي ڏاڍو خوش ٿي . هڪ ڏينهن چوڪريءَ ويچار ڪيو تہ چو نہ هار وڪڻي پيسا ڪريان . چوڪري جلد شهر ۾ ويئي ۽ راجائي محل جي ٻاهران پهچي راجا جي نوڪرن کي هار وڪڻڻ لاءِ ڏنو . نوڪر هار کڻي راجا وٽ آيا . راجا هار ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ، ۽ ويچار ڪرڻ لڳو تہ هي تہ منهنجي راڻيءَ پدماوتيءَ جو آهي ، تنهنڪري نوڪرن

کي حڪم ڪيو ته جنهن هيءَ هار آندو آهي تنهنکي منهنجي سامهون ڪريو. نوڪر ڇوڪريءَ کي وٺي آيا، تڏهن راجا پڇيو ته هيءُ هار ڪنهنجو جو آهي ؟

تڏهن ڇوڪريءَ راجا کي منڍ کان پڇاڙيءَ تائين سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. راجا ڇوڪريءَ کان نالو نشان پڇي، سينا پتيءَ کي ڪاهه جو حڪم ڪيو ۽ تيستائين ڇوڪريءَ کي جيل ۾ رکيو ويو.

آڏين تي ڪاهه ڪئي ويئي. لشڪر آڏين جي گهر کي گهيرو ڪيو. آڏين ڌنش ٻاڻ کڻي ٻاهر نڪتو، ۽ پڇيائين ” توهان ڪٽيا کي ڇو گهيريو آهي، توهانکي ڇا کپي ؟ “

هڪ سپاهيءَ جواب ڏنو ,, اسانجو سينا پتي توهانکي گڏجڻ ٿو چاهي هو توهانکي سڏي ٿو تنهنڪري اسان توهانکي وٺڻ آيا آهيون. “

,, هلو توهانجو سينا پتي ڇا ٿو گهري ؟ “ ائين چئي آڏين اڳيان اڳيان هلڻ لڳو

چانوڻيءَ ۾ پهچي آڏين سئنا پتيءَ سان مليو. سئنا پتيءَ هنکي عزت سان وهاريو، ۽ پڇيائينس، "توهان هن هار جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻو ٿا؟"

آڏين هار ڏسي ڪاوڙ ۾ تپي لال ٿي ويو ۽ چيائين "هي هار مون هڪ ڇوڪريءَ کي ڏنو هو، هي منهنجي ماتا جو آهي، توهان وٽ ڪيئن پهتو؟" "تڏهن ته مان توهانجي ماتا جو پڇڻ چاهيان ٿو" سئنا پتيءَ چيو.

"توهان پنهنجو مطلب ٻڌايو ته ڄاڃي لاءِ ٿا پڇو، هي هار موکي ڏيو، منهنجي ماتا جو نالو پدماوتي آهي" آڏين چيو.

سئنا پتي پدماوتي جو نالو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو، آڏين ڏي نهاري پوءِ هار اڳيان رکي سر جهڪائي چيو "توهان اسان جي مالوا ديش جا راجڪمار ۽ توهانجي ماتا اسانجي مهاراڻي آهي."

آڏين چيو "توهان منهنجي پيا جا سئنا پتي آهيو ۽ پتاجي ڪٿي آهي؟"

"توهان موٽڪي راڄ ماتا جو درشن ڪرايو"
سئنا پتي چيو. سئنا پتي اڏين سان گڏ ڪئي
ڏانهن ويا. سئنا پتي پدماوتي جو تپسوي ويس
ڏسي اکين ۾ پاڻي آڻي پيرن تي ڪري پيو ۽
چيائين "ماتا ڇو پنهنجي راڄڌاني ڏانهن هلو.
پدماوتي سئنا پتيءَ کي سڃاڻي انڪي آسين
ڏني ۽ سئنا پتيءَ کان راجا ۽ ڪٽنب جو احوال
پڇيو. سئنا پتيءَ راڻي کي سڄو سماچار ٻڌايو
پوءِ راڻي ۽ راجڪار اڏين سئنا پتيءَ سان گڏ
مالواديس ڏانهن روانا ٿيا. راجا جو چور کي سزا
ڏيڻ لاء ويٺو سو سئنا جي وچ اڏين ۽ راڻي
پدماوتيءَ کي ڏسي هن جي ڪاوڙ ويندي
رهي ۽ خوش ٿيو. چوڌاري خوشي منائجي ويئي.
چوڪري کي جيل مان ڪڍي کيس
راجڪمار سان شادي ڪرائي ويئي. راجا رت
تلاء اصل لاء بعد ڪرائي ڇڏيو.

# ڀانيڻ ۽ سنڌ ديو.

پراچين سمي ۾ ڀارت جي ڪنهن ملڪ ۾ هڪ ڀانيڻ هوندو هو. هو تمام ڀورڙو ماڻهو هوندو هو ۽ ڪوبہ ڏنڌو ڪونہ ڪندو هو سندس زال کيس تہ چڪر تمام گهڻا ايندا هئا؛ تہ هو ڇو نٿو وڃي ڪمائي اچي، پر ويچاري جو وس هلي نہ سگهندو هو. هڪڙي ڏينهن غصي ۾ تمام گهڻو ڀرجي وئي ۽ پنهنجي مڙس کي چيائين تہ تون ڪجهہ بہ ڪمائي نٿو اچين، پوءِ ڀلا گهر جو خرچ ڪيئن هلي سگهندو. ڀاڻيسرڻ جو مڙس تہ ڏس ڪيتن تو ڪمائي اچي ڀانيڻ کي اهو ڏاڍو جوش لڳو ۽ چيائينس تہ مونکي ست اولا پچائي ڏي تہ ڏس تہ ڪيئن ڪمائي ٿو اچان. زال کيس ست اولا پچائي ڏنس جي هو هڪ هنڙ ۾ ٻڌي ڪلهي هليو. وات تي هڪ جهنگل آيو جنهن مان لنگهڻو پيس. منجهند جو وقت هو ۽ بک بہ ڏاڍي لڳي هيس سو هڪ کوهہ جي

ڪناري تي ويهي ڇوڙ لڳو تہ هڪ ڪان، يان ٻہ
ڪان يا ستَ ئي ڪان هنجو مطلب هو تہ هڪ
لولو ڪان، يان ٻہ لولا ڪان يا ستَ ئي لولا ڪائي
ڇڏيان مچائڻ ڪو اُن ڪوهہ جي آندر ستَ ديو
رهندا هئا جن اِنجو مطلب اُلٽو سمجهيو. اُنهن
سمجهيو تہ هو چوي ٿو تہ هڪ ديو کي کان،
يان ٻن کي يا ستن ئي ديون کي کائي ڇڏيان.
ديون کي اِهو ٻڌي ڏاڍو ڊپ لڳو ۽ سڀئي ٿر ٿر
ڪنبڻ لڳا. آخر هڪ ڇڙو همت جهلي کوهہ کان
ٻاهر نڪري آيو ۽ اچي چوڻ لڳو تہ اي آدمزادا تون
آسانکي ڪاڏہ نہ پر آسيڻ تو کي هڪ شئي ٿي ڏيون ٿا
جنهن سان تون سڄي عمر سکي رهي سگهندين.
ٻانيڻ اِهو ٻڌي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ
هتي تہ گهر ويٺي ٻيا گراهڪ ڦاسجن. آخر ٻانيڻ
چيس تہ اها ڪهڙي شئي آهي. جلدي کڻي آچ!
ديو يڪدم کوهہ ۾ ويو ۽ ٿوري دير کانپوءِ پاڻسان
هڪ ٻڪري کڻي آيو. ٻانيڻ اِهو ڏسي چيو تہ اها تہ
خسيس هڪ ٻڪري آهي. هن مان ڇا ٿيندو. ديو

چيس تہ مان ڪري ويٺو ڳالهہ ٻڌ ۽ جڏهين ڳالهہ
ختم ٿئي تڏهين تون وڏ ٻڪ ڳالهاءِ. ديو چيس تہ
هيءَ ٻڪري هميشہ صبح جو سونيون پوڙيون
لاهيندي. جي تون پاڻ وٽ جمع ڪندو وڃج
۽ ائين تون جلد شاهوڪار ٿي پوندين.

سج لهڻ هار ڪو هو ۽ هنجي گهرتائين مفاصلو
تمام گهڻو هو تنهنڪري دل ۾ چيائين تہ ڪنهن
مسافرخاني ۾ وڃي تو رهان ۽ صبح ٿيڻ سان ئي
گهر ويندس. اهو پڪ پڇائي هو ڪنهن مسافرخاني
جي مالڪ وٽ ويو ۽ چيائينس تہ اي ادا! اڄ
رات تہ رهڻ نہ ڏيندين؟ مسافرخاني جو مالڪ هڪ
جادوگر هو تنهنڪي پنهنجي جادوءَ جي ٻل سان
خبر پيئي تہ هن وٽ جا ٻڪري آهي سا هميشہ
صبح جو سونيون پوڙيون لاهيندي آهي.
تنهڪري هنکي چيائين تہ وڏي خوشيءَ سان
رهي پوءِ. هنکي هڪ ڪمرو خالي ڪري ڏنائين
جنهن ۾ ڏانئڻ وڃي رهيو. ڏانئڻ ٻڪري ٻہ آنهر
ٻڌي ڇڏي چاڪاڻ جو ڊپ ٿيس تہ متان چور

خبر وٺندس جنهن مون سان ٺڳي ڪئي آهي
سو پنهنجي زال کي چيائين ته مونکي سَت
لولا وري پچائي ڏي. زالس وري پچائي
ڏنس جي هو هڙ ۾ ٻڌي وري اچي ساڳئي
وڻ ٻيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو ته هڪ ڪان يان
ٻه ڪان يان ستئي ڪان. وري ٻه ڏيون اُٿو
مطلب سمجهيو. سو وري هڪ ڏيو همٿ جهلي
ٻاهر آيو ۽ اچي چيائينس ته اي مهراج آءٌ توکي
هڪ سٺي شئي آڻي ٿو ڏيان. پنڊت جڏهين
اهو ٻڌو تڏهين ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اڳين ڳالهه
دل تان وساري ڇڏيائين. ديو کوهه اندر وڃي
هڪ ديڳڙو کڻي آيو. پنڊت چيس ته هن ۾
ڪهڙي ڪرامت آهي، هن چيس ته هن ديڳڙي
کي جيڪڏهين ڪنهن ڪپڙي سان بند ڪري
جيڪا شئي چوندين سا اندر تيار ٿي ويندي،
ٻانڀڻ کي اعتبار نه آيو ڇاڪاڻ جو خبر هيس ته
اڳي ٻه ڀيرا هن مونکي ٺڳيو آهي تنهنڪري
چيائينس ته مونکي اِئين ڪري ڏيکار ته مونکي

اعتبار آهي سو ڏيو هڪ ڪپڙي سان ديڳڙي جو منهن ڍڪي ٻانڀڻ کي چيو ته ٻڌاءِ ته ڇا کپنئي. ٻانڀڻ جلد چيس ته حلوو، پوري، پڪوڙا وغيره ڏيو چيو ته حلوو پوريون پڪوڙا تيار ٿي وڃن ۽ هڪدم پوريون پڪوڙا ۽ حلوو اندر تيار ٿي ويا. ٻانڀڻ اهو ڏسي ڏاڍو عجب کاڌو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته هاڻي ته خوب مال ملندا کائيندا سين، وري به هي هٿ ۾ ديڳڙو کڻي ساڳئي مسافرخاني جي مالڪ وٽ آيو ۽ چيائينس ته هڪ رات موٽي رهڻ ڏي. هن وري به جاءِ جي زور سان چاڙي ورتو ته هن ديڳڙي ۾ ڪرامت آهي. سو جڏهين آڌي رات ٿي تڏهين ٻانڀڻ جو ديڳڙو کڻي ٻيو هوبهو ساڳيو ديڳڙو اتي رکي ڇڏيائين، صبح جو ٻانڀڻ اُٿيو ۽ ديڳڙو کڻي اُٿي هلڻ لڳو جڏهين گهر پهتو تڏهين پنهنجي زال کي چيائين ته هاڻ تون رڌڻ پچڻ جي هاج کان ڇٽي پوندين. زالس پڇيس ته سو وري ڪيئن؟ اڳي به ته ڪيئن پٺاڪون

پئسي هٿئين، ڀانيڙ چيس تہ هن ڀيري سچ
پچ تون رڏڻ پڇڙ جي هاج کان ڇٽي پوندين
ائين چئي ڏيگڙي جو منهن ڪپڙي سان ڍڪي،
پنهنجي زال کان پڇڙ لڳو تہ ٻڌائي تہ ڇا ڪپڻيٺي
زال چيس تہ ميسو، موڪيون ۽ توشا. ڀانيڙ
چيو تہ يڪدم موڪيون، ميسو ۽ توشا تيار ٿيسي
وڃن. ٿوري دير کانپوءِ ڀانيڙ ڏيگڙي جو منهن
کوليوءِ پر اندر ڪجهہ بہ ڪونہ هو. اهو ڏسي
ڀانيڙ دل ئي دل ۾ خيال ڊوڙائڻ لڳو تہ آخر
آهي ڪهڙو سبب جو هت مال تيار ٿيو هو پر
هت ڪجهہ بہ نٿو ٿئي. پر سندس زال تہ پيئي
کلي. آخرڪار مڙس کي وري جوش لڳو ۽
ٻئي ڏينهن جي صبح تي چيائينس تہ ست لولا
پچائي ڏي ۽ هن دفعي ڏس تہ مان ڇا ٿو
ڪمائي اچان. زالس چيس تہ هن دفعا تہ ڏاڍو
ڪو ڪمائي آيو آهين. هڪ دفعي سان ٻڪري
آندءِ ٻئي دفعي سان ڏيگڙو، بس نہ، پيو ڪو
ميرُ تہ ماري ڪونہ آئين نہ؟ آخر وري بہ ست لولا

پڇائي ته ڏائڻس جي وري هو ڪٿي هليو. آخر
وري به هو سا ڳئي کوهه وٽ آيو ۽ اچي ٻڌي
چوط لڳو ته هن دفعي ست ئي ٿو ڪائي ڇڏيان.
ديون کي هن دفعي ته اڳي کان به وڌيڪ ڏپ
لڳو پر آخر وري هڪ ديو همت جهلي ٻاهر نڪري
آيو ۽ پڇيائينس ته اي آدمزاد! تو کي ڇا گهرجي جو
هر هر آسانکي اچي تنگ ڪيو آهيئي. ٻانڀڻ
چيس تہ اڳئين ٻن ڀيرن ۾ تو مونکي ٻه شيون
ڏنيون جي ٻئي مون گهر ڪٺي آچي آزمايون
ته ٻئي ڪوڙيون نڪتيون تنهنڪري هن
ڀيري مان تو هان سيڻي کي ڪائيندس. ديو
چيس ته هو ٻئي شيون جيڪي آسان تو کي
ڏنيون هيون سين سي هو مسافرخاني وارو
مالڪ ڪٺي ويو آهي ۽ اُنجي بدران ٻه ٻيون
شيون تنهنجي جاءِ تي رکيون اٿس. ٻانڀڻ
چيس ته هاڻي آءٌ اُهي شيون هنڪان حاصل
ڪئين ڪريان؟. ديو چيس ته ڇگو! آءٌ تو کي

هڪ ڏنڊو آڻي ڏنو ڏيارو جو جدهنکي ڏنو
چڏ هيرن چونديون ته
(پڪڙ آئي هلي مار ڏنڊا)
ته هي ڏنڊو اُنکي اچي ماريندو. ورڪ به هو
اچي اُنهيءَ ڏر مسالا ۾ رهيو، مسافرخاني جي
مالڪ بڻان جادوءَ جي سو ڇيو ته اڳي پيري به
هن پر شيون ڪرامتي آنديون هيون سو
هٿيئير ٻه هن وت ڪي ڪرامتي شيون هونديون.
پانيڙ ٻه پنهنجي ڪمري ۾ مڪر ڪري سمهي
پيو ۽ ڏنڊو پنهنجي پاسي سنيالي رکي سمهي
پيو. مسافرخاني جو مالڪ آڌي رات جو آيو.
پانيڙ ته جاڳيو پئي. هن رڳو اهو مڪر ڪيو
هو سو جڏهين هن، مسافرخاني جي مالڪ کي
اندر گهڙندو ڏٺو تڏهين هن ڏنڊي کي چيو
"پڪڙ تيهلي مار ڏنڊا." پانيڙ جو رڳو اِئين چوڻ
۽ ڏنڊي جو اچي مالڪ کي ڳچي ڪان وڏڻ مسافر
خاني جي مالڪ کي ماري ماري، دنبو بڻائي
ڇڏيائين. آخرڪار مسافرخاني جي مالڪ چيس ته

اي ڀائي ! هن ڏنڊي کي ڇوڙ ڏ بس تي“ ٻانيڻ
چيس ته پهريائين اهي شيون آڻي ڏي ته
پوءِ آءٌ ڏنڊي کي بند ٿيڻ جو حڪم ڏيندس.
هن چيس ته ڀائي آءٌ توکي آڻي ٿو ڏيان. تون
رڳو هنکي بند ڪرڻ جو حڪم ڏئي. آخرڪار
ٻانيڻ ڏنڊي کي بند ٿيڻ جو حڪم ڏنو، ۽ مسافر
خاني جي مالڪ ٻئي شيون آڻي ڏنس ۽ هو ٻانيڻ
جو چيلو ٿي پيو ۽ مسافر خانو پڻ هنجي حوالي
ڪيائين. ٻئي ڏينهن صبح جو ٻانيڻ پنهنجي
ڳوٺ ڏ پهتو ۽ زالس کي چيائيس ته هاڻي ٻئي
اصلي شيون آنديون اٿم ۽ ٻنهي جي آزمائش
وٺي ڏيکاريائينس. زالس هي ٻئي شيون ڏسي
ڏاڍي خوش ٿي ۽ ٻانيڻ کي چيائين ته تون ڏاڍو
سٺو آهين. ٿوريئي ڏينهن ۾ هو تمام شاهوڪار
ٿي پيا ۽ هڪ وڏو بنگلو ٺهرايادون جنهن ۾ موج مزي
سان حياتي جا ڏينهن گذارڻ لڳا هو اڃان به
اتي رهندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي به
شاهوڪار ٿيڻ جي مرضي هجي ته هو وڃي ٻانيڻ

ڪان پوءِ تہ اُھو ڪھڙو جھنگل آھي جھان تو کي
آھڙيون شيون مليون ۽ شاھوڪار ٿئين .

## جت جي زيارت

هڪڙو جت وڃي جاتيءَ جي شهر ۾ مغلبين جي قبي تي زيارت ڪرڻ. چنگو ڏ روڪڙ جو هوس ڪلھي تي ۽ مٿي ۾ ھوس ٽوپ. جڏھين درٻار ۾ زيارت لاءِ ويو تہ وڏي آواز سان چوڻ لڳو تہ ميان مغلبين، ساءِ! خير ڪرين! قبي جي گنبذ مان پڙلاءُ ٿيو تہ مغلبين ساءِ خير ڪرين! جت سمجھيو تہ مغلبين ساءِ مونکا بہ ٿو خير پڇي. پوءِ ھٿ اوڏي چيائين تہ ساءِ دعا ڪر.

نچاڻا درٻار جي پٽ ۾ ڪا وڏي آرسي لڳل ھئي سو پنھنجي ھٿ جو آرسي ۾ ڏسي سمجھاءِ

ته چوي ٿو ته ويهه، سو جت ٿوري ساعت ويهي پوءِ هليو ويو. جڏهين گهر ويو ته ٻار ٻچا ڪٺا ڪري چيائين ته مڱڪون ڏٺو هي ته مغلبين ساءِ ڪو ڏٺو جيها ٽوپ مٿيدي مٿي تي ايها مغلبين ساءِ دي مٿي تسيءَ جيها ڏاوڙ ها چنگا ڪلهي تي مڱڪون تيها مغلبين ساءِ ڪو. ٻو پنڌا پياهي ته (ٻائي اچيٽو پيو ته) مغلبين ساءِ دا ٻر ڏاچيان هئي جو چنگا ڪلهي تي هوس.

## پٺاڻ وٽ سنڌي نوڪر

هڪڙي ڀيري هڪڙي پٺاڻ هڪڙو سنڌي نوڪر رکيو ٺنهنڪي گهوڙي ڏنائين ته وڃي پاڻي پياري اچينس. هو وڃي او ويو گهوڙيءَ کي درياه سان پاڻي پيارڻ پر جٺن ته گهوڙي درياه ۾ گهڙي ٽئين ٻڏي وئي. نوڪر پٺاڻ وٽ آيو، پٺاڻ فارسيءَ ۾ چيس "ڪاجابوه دي؟" (ڪٿي

مئين) هن ويچاري جنهن اصل پارسي ٻڌي به نه
هئي تنهن چيس ته "وڃي سنڌجن سوڌي."
پٺاڻ چيس ته اڙي "چ ڪردي" ( چا ڪهيئه )
"ماڻهون ميڙيندين ته چونه نڪرندي؟" پٺاڻ
وائڙو ٿي ويو ۽ هنڪي ساڻ وٺي اُٿي هليو ترار
جيڪي هٿ ۾ هيس سا ڌڪائين ته ڪٽي هل.
جڏهين درياه وٽ پهتا تڏهين پٺاڻ چيس ته
"دسب من ڪي؟" (منهنجي گهوڙي ڪٿي؟)
هن ترار درياه ۾ ڦٽي ڪري چيو "اُجها!" ويچاري
پٺاڻ جون ٻه ٻه وييون ڇه ٻه ويهو مسات ڪري
سو رڇي ويهي رهيو.

## لالچ بري بلا آهي.

( امجد علي جمع ٽيچاڻي )

هڪ دفعي هڪ شڪاري ڪبوتر پڪڙڻ لاءِ
زمين تي جار وڇائي مٿائنس ان جا داڻا پکيڙي

ڇڏيا. پاڻ هڪ وڻ هيٺ ويهي رهيو. هن خيال ڪيو ته جڏهن ڪبوتر چار ۾ ڦاسجي پوندا تڏهن ڊوڙي وڃي چار پڪڙيندس.

ساعت کن پوءِ هڪ ڪبوترن جو ولر اچي لانگهائو ٿيو. اتفاقا سندن نظر وڃي ان جي داڻن تي پيئي. سندن منهن ۾ پاڻي ڀرجي آيو. هڪ ڪبوتر چيو "اڄ صبح سوير قسمت اسانجو ساٿ ڏنو آهي" هڪ ٻئي ڪبوتر چيو "يارو! هلو، هلي چوڳو چڱي پيٽ ڀريو." سندن سردار، سائو ڪبوتر چوڻ لڳو، "يارو! هيٺ لهڻ کان اڳ خيال ڪريو، نه ته پوءِ- پڇتائڻو پوندو. ڇا توهان ايترو به سمجهي نٿا سگهو ته هن سنسان جهنگل ۾ جتي نه ڪو انسان ٿو رهي نه ڪو پسون، اتي هي چوڳو ڪٿان آيو؟" آءٌ ته سمجهان ٿو ته "دال مين ضرور ڪڇهه ڪالا هي." منهنجي صلاح اٿو ته هت نه لهو، نه ته اسانجو به اهڙوئي حال ٿيندو جهڙو هڪ لالچي مسافر جو سونو- ڪڙو ڏسي ٿو. ڇا توهان

اها ڳالهہ پڌي آهي؟" پيئن ڪبوترن چيو "نہ، اسان اها ڳالهہ ڪونہ پڌي آهي" سائي ڪبوتر چيئن "چڱو پلا. ڏيان ٿ پئي پڌو."

"هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ هڪ گدڙ هنائجي سهنائجي هڪ سونو ڦطو ٿو ڪٺي هڪ ندي جي ڪناري تي وڃي بيٺو. خبر نہ آهي تہ هن کي اهو سونو ڦطوٿو ڪٿان ـ هٿ لڳو هو .......

ايندڙ ويندڙ کــي سڏ ڪــري چيائين تــي. "جيڪڏهن توکي سوني ڦطوٿي جي ضرورت آهــي تہ مون کان وٺندو وڃ." پر ڪنهن بــہ ڪانئس سونو ڦطوٿو ڪونہ ٿي ورتو. هنن کي ڊپ هو تہ متان گدڙ ماري کائي ڇڏي.

شام جــي وقت اتان هڪ نوجــوان ۽ هڪ پير مرد اچي لانگهائو ٿيا. انهن کي پڻ گدڙ چيو "جيڪڏهن توهان کي سوني ڦطوٿي جي ضرورت آهي تہ مون کان وٺندا وڃو." اهــو پڌي نوجوان چيو تہ هــي گدڙ اسان کي مفت ۾ سونو ڦطوٿو ڏيڻ چاهي ٿو. هلو تہ هلي ڪانئس وٺون." پــر

پير مرد چيس: "خيال ڪر، تون ڪيڏانهن
وڃي رهيو آهين؟" نوجوان جواب ڏنس
"واه، خبر ڪونه اٿو ته مان سونو قطوٽو مفت
۾ وٺڻ وڃان ٿو." پير مرد چيس "اهو ته
ٺيڪ آهي. مگر تون هڪ گدڙ جي ويجهو وڃي
رهيو آهين. مون کي ڊپ آهي ته هو تو کي
کائي ڇڏيندو." تنهن تي نوجوان چيس "جيڪو ٺيڪ
حياتيءَ جو خطرو آهي مگر رپيا ڪمائڻ ڪا سٺري
ڳالهه ڪانهي. جڏهن سڄو ڏينهن ڪم ۾-
ڳهجي ٿو تڏهن مس مس چار پيسا نصيب ٿين
ٿا. تنهن تي پير مرد چيس:" درياڻن، ٻاهين،
ڏهن وارن جانورن، سڱن وارن حيوانن ۽ شرابين
تي ڪڏهن اعتبار نه ڪرڻ گهرجي." پير مرد،
نوجوان کي گهڻو سمجهايو مگر نوجوان تي ڪو
به اثر ڪونه ٿيو. نوجوان پير مرد کي ڇڏي
سوني قطوٽي وٺڻ لاءِ گدڙ وٽ ويو. گدڙ
چيس: "ڀريائيءَ، وهنجي سهنجي پاڪ ٿي اچ
ته پوءِ سونو قطوٽو ڏياءِ." نوجوان سوني قطوٽي

ملڪ جي لالچ تي ڪپڙا لاهي، وهنجڻ لاءِ نديءَ ۾ گهڙيو.

اڃان نديءَ ۾ گهڙيو مس ته گپ ۾ کپجي پيو. جيئن تي پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪيائين تيئن ويو تي وڌيڪ ڦاسندو. گدڙ به وجهه ڏسي هن کي پڪڙي ورتو. مرڻ وقت نوجوان مموم تي، سرد آهون ڀريندي چيو: "ڪاش! پير مرد جي نصيحت تي عمل ڪريان ها." آکاڙي پوري ٿي. سائي ڪبوتر کين سمجهايو: "جي اوهان چوڳي جي لالچ تي هيٺ لهندا ته اوهانجو به اهڙوئي حال ٿيندو جهڙو "لالچي مسافر جو ٿيو."

ڪهڙي نه سٺي صلاح! پر جن جي اکين تي لالچ جي پٽي پيل هئي سي مڃين ڪٿان! اٿلندو سرهار جو مذاق اڏائڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا "اسانجو سردار پاڳل ٿي پيو آهي. جيڪڏهن سردار وانگر هر ڳالهه ۾ شڪ شبهه پيا ڪبا ته پوءِ اسان لاءِ پاڻي پيئڻ به مشڪل ٿي پوندو. ڇو ته ان وقت اهو شڪ ٿي سگهي ٿو ته متان پاڻيءَ ۾

ته اها ٻڪري ڪٽي وڃن ۽ آئينده جي لاءِ وري
پٽڪڻو نه پوي چوندا آهن ته (ٻڌي جي من
۾ ٻڪري ته صاحب جي من ۾ ٻٽي آخرڪار
جڏهن اڌي رات ٿي تڏهين مسافرخاني جو مالڪ
ساڳي رنگ ۽ ڍول جي ٻڪري وٺي هن جي
ڪمري ۾ آيو ۽ ڏيو واري ٻڪري چوري اها
ٻڪري ٻڌي ڇڏيائين. پانيرط نيم انوسار
پٽ ٻڪري جو اُٿيو. دل ۾ ته ڏاڍو خوش
ته هاڻ جلد شاهوڪار ٿي پونداسين. اٽڪل
١٢ ٻجي منجهند جو هو اچي پنهنجي ڳوٺ
۾ پهتو ۽ زال کي چيائين ته هاڻي پاڻ جلد شاهوڪار
ٿي پونداسين. پانيرط چيس ته هيءَ ٻڪري
هميشه سونيون پڙيون لاهيندي آخر جڏهين
ٻڪريءَ پڙيون لاٿيون ته اهي ته عام ٻڪرين
جهڙيون هيون. زالس ٺٺوليون ڪري چوڻ
لڳس ته واه جون سونيون پڙيون لاٿيون
آٿائين. پانيرط کي ڏاڍو غصو لڳو ۽
دل ۾ چيائين ته آءٌ اُن ديو کان چڱيءَ طرح

زهر ملبل آهي.“ ۽ ائين چوندي سڀ ڪبوتر هيٺ لهي آيا.

هاڻ سائي ڪبوتر کي مناسب هو ته ڪائين پاسو ڪري ها مگر هن سوچيو ته اهو چڱو نه ٿيندو جو پنهنجن دوستن کي مصيبت جي منهن ۾ ويندو ڏسي پاسو ڪري وڃان. شايد پوءِ به مان هنن کي ڪم اچي سگهان اهو خيال ڪري هو به هيٺ لهي آيو.

هيٺ لهڻ شرط سڀ ڪبوتر جار ۾ ڦاسجي پيا. سڀ گهٻرائجي ويا ته هاڻ ڇا ڪجي. سائي ڪبوترچين ”جي حياتي پياري اٿو ته سڀ گڏجي جار کي اڏائي پاڻ سان کڻي هلو. يڪدم سڀ جار اڏائي کڻي ويا. شڪاري مايوس ٿي چوڻ لڳو: ”جي سعي نه ڪريان ها ته جيڪر شڪار ۽ جار نه وڃايان ها.“

ڪبوتر اڏامندا اڏامندا اچي هڪ ندي جي ڪناري تي پهتا. ڪبوترن سردار کي چيو ”جار کي ته پاڻ سان اڏائي کڻي آياسون پر بند ڪيئن

خلاص ٿيندا ؟" ايتري ۾ سائي ڪبوتر جو هڪڙو دوست 'ڪئو' به اچي سهڙيو. سائي ڪبوتر کي ڄار ۾ ڦاٿل ڏسي 'ڪئو' ڏاڍو غمگين ٿيو. سندس ٻند خلاص ڪرڻ لاءِ ڄار ڪترڻ لڳو. تنهن تي سائي ڪبوتر چيس: "مهربان دوست! پهرياڻين منهنجن دوستن جو خيال رکُ پوءِ منهنجو." ڪئي دوست کي ناراض ڪرڻ نامناسب سمجهي سندس دوستن جا ٻند خلاص ڪري پوءِ سندس ٻند خلاص ڪيا. سائي ڪبوتر ڪئي جا شڪريه ادا ڪيا ۽ چيائينس: "بيشڪ دوست اهو جو اوکي ويل ڪم اچي،"

پوءِ ته سڀ ويهي هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

## سچ ڳالهائيندڙ ٻالڪ

موهن جو پيءُ ڏرمداس پنهنجي پٽ کي گهڻو پيار ڪندو هو. موهن جيڪا شيءِ گهرندو

هو سا جهٽ پٽ آڻي ڏيندو هوس. هو ٽيون درجو سنڌي پڙهندو هو. ساري ڪلاس ۾ موهن جو واسديو سان وڌيڪ سنبنڌ هو.

هڪ ڏينهن واسديو موهن کي چيو، دوست اڄ اسانجي گهر هل ته اتي هلي راند ڪريون. موهن کي اها ڳالهه ڏاڍي وڻي ويئي. واسديو هڪ طوطو پاليو هو. ٻئي ڄڻا شام جو دير دير تائين طوطي سان راند ڪندا رهيا.

رات جو موهن پيءُ کي چيو، بابا مونکي هڪ طوطو وٺي آڻي ڏيو ته مان ان سان راند ڪندس. پڻس ٻئي ڏينهن ئي بازار مان طوطو خريد ڪري آيو. موهن طوطو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ واسديو کي وڃي ٻڌائين، مونکي به هڪ طوطو آهي.

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي ته موهن پنهنجي پيءُ جي ڪمري ۾ ويهي طوطي سان راند ڪري رهيو هو. پيچري جي پرسان ميز تي هڪ سندر گلدستو پيو هو. موهن راند ۾ جٽن ئي

پڄرو ٽورو سيريو ته گلدستو ڪري اچي پٽ
پيو ۽ ڇهون ن ٽي ويو. موهن کي ڏاڍو
ڏکـــا ۽ ڏپ ٿيو ته بابو ڇڏندو ته ماريندو.
واسديو جو پرسان بيٺو هو تهن ڇيس، اڙي
ڏچين ڇو ٽو؟ پي کي ڇڏائيج، موٽکي ڪاخبرڪاڙهي.
موهن يڪدم چئي ڏنو، ائين نٿو ٿي
سگهي. مان پيءُ سان ڪڏهن به ڪوڙ نه
ڳالهيو آهي ۽ نه وري هن کان پوءِ ئي ڳالهائيندس
پوءِ هو ڀلي موٽکي ماري.

رات جو جڏهن موهن جو پيءُ گهر موٽيو
تڏهن موهن هنکي دروت ئي گڏيو ۽ ڌيرج سان
چيائين، بابا! اوهانجو گلدستو مون کان ڀڄي
پيو. پٽس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ڪا چڻتا نه
ڪر. ڀڄي پيو ته ڇا ٿيو. تو سچ ٻڌايو آهي،
انهيءَ ڪري مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان.
موهن کي سچ ڳالهائڻ جو اجورو ملي ويو.

